# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1994

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1994

# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1994

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي آرڊيننس جي دفعه 19 جي ترميم.

Amendment of section 19 of Ordinance of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1994
# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1994
# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1994
# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1994

[7 مئي 1994]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1994 سڏيو ويندو.

هيءُ في الفور ۽ 2 مئي، 1994 کان لاڳو ٿيندو.

آرڊيننس نمبر V مجريه 1979 جي دفعه 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Ordinance of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعه 19 جي ذيلي دفعه (A_1) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان بدلايو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين شرطيه بيان جو اضافو ڪيو ويندو:

”بشرطيڪ منظور ٿيل منصوبن جي خلاف ورزي ڪندي عمارتن جو ڪم ڪرڻ يا شروع ڪرڻ ۾ ڪنهن گناهه جي چشم پوشي نه ڪئي ويندي. “

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**